SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1994

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1994

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻئي ترميم)،آرڊيننس 1994

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1994.

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XII جي دفعه 16 جي ترميم.
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance No. XII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 1994

# SINDH ORDINANCE NO.XV OF 1994

# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻئي ترميم)،آرڊيننس 1994

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1994.

[11 جولاءِ 1994]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت، 1979 ۾، ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

هن ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل

اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻئي ترميم)آرڊيننس، 1994 سڏيو ويندو.

2. هيءُ فوري طور لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XIIجي دفعه 16 جي ترميم.
Amendment of Section 16 of Sindh Ordinance No.XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس،1979 جي دفعه 16، ۾ ذيلي دفعه (2) کانپوءِ مندرجه ذيل نئي دفعه جو اضافو ڪيو ويندو.

”(3)جتي ڪو شخص يا اٿارٽي ذيلي دفعه (2) جي تحت مقرر ڪئي وئي آهي، حڪومت ماڻهن جي اهڙي تعداد تي مشتمل مشاورتي ڪائونسل مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن هواهڙن معاملن جي لاءِ مناسب سمجهي جيڪي حڪومت هن کي نوٽيفيڪشن جي ذريعي سونپياويا هجن.

(4) ) مشاورتي ڪائونسل اهڙي وقت ميٽنگ ڪندي ۽ اهڙي طريقي سان جيئن اهو شخص يا اختياري مناسب سمجهي.

(5) مشاورتي ڪائونسل جو رڪن حڪومت جي مرضيءَ سان عهدورڪندو پر ڪنهن به وقت حڪومت کي خط جي ذريعي رڪنيت تان استعفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(6)شخص يا اٿارٽي ذيلي دفعه (2) جي شرطيه بيان جي تحت مشاورتي ڪائونسل جو رڪن مقرر ڪري سگهندا، يا جتي اهڙي ڪائونسل مقررنه ڪئي وئي هجي اهڙو شخص يا اٿارٽي

ڪنهن اهڙي شخص کي پنچائيت جي چيئرمين جا اختيارات استعمال ڪرڻ ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري سگهجي ٿو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.